# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2002

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2002

# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002

# THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 13A جي شموليت

Addition of section 13A of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

3. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 14 جي ترميم

Addition of section 14 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

4. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 15 جي ترميم

Addition of section 15 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

5. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 17 جي ترميم

Addition of section 17 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2002
# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[26 مارچ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 13A جي شموليت
Addition of section 13A of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 13 ڪانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

"13-A. ڪا بہ ڪپهه ڪنهن بہ هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين اهڙيءَ ريت منتقل نہ ڪئي ويندي، جنهن سان ان جو توسيع بنديءَ جو عمل رڪجي وڃي."

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 14 جي ترميم
Addition of section 14 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 14 جي ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "پنجاهه رپيا" لاءِ لفظ "ڏهه هزار رپيا" ۽ لفظن "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "پنجويهه هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 15 جي ترميم
Addition of section 15 of

4. چاٽايل ايڪٽ جي دفعه 15 ۾:

(i) ذيلي دفعه (5) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(5) ڪاٽنگ جننگ فيڪٽري جو مالڪ پوءِ ان هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ کان اڳ يا ان ڪانپوءِ تعمير ڪئي هجي، اهو فيڪٽري ۾ هيٺيون شيون مهيا ڪندو:

(a) ڊي لنٽنگ مشين جو اهڙو انگ جيڪو بيان ڪيل

اٿارٽي حڪم ذريعي هدايت ڪري؛

(b) وي برج، آٽوميٽڪ پريس ۽ موائسچر ڊيٽيڪٽرس؛

(c) پري ڪلينرس ۽ لنٽ ڪلينرس؛

(d) هر سال فصل جي مند جي شروعات تي نيون جننگ ساز؛

(e) اهڙو اسٽاف جيڪو ڪم ۾ تربيت يافته هجي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن ڄاڻايل اٿارٽي طرفان بيان ڪيو ويو هجي؛

(ii) ذيلي دفعہ (6) ۾ فل اسٽاپ کان اڳ لفظن "۽ اهڙو مالڪ بازار ۾ ڪپهہ جي ذخيري لاءِ اهڙو ڍڪيل محفوظ پليٽ فارم پڻ مهيا ڪندو" ڪي شامل ڪيو ويندو؛

(iii) ذيلي دفعہ (7) ۾ لفظن "ٽي مهينا" لاءِ لفظ "ڇهہ مهينا" ۽ لفظن "پنج هزار رپيا" لاءِ لفظ "ڏهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

West Pakistan OrdinanceXX of 1966

1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعہ 17 جي ترميم

Addition of section 17 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) ۾ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(c) جيڪو ڪپهہ ڪٽڻ يا ذخيرو ڪرڻ لاءِ پولي پروپلين بيگس استعمال ڪري ٿو يا اجازت ڏئي ٿو يا سنيالي ٿو يا سٽ جي ڏاڳي ڪانسواءِ جڙيل ڪنهن ڪپڙي ۾ ڪپهہ ڪٽڻ جي سهولت ڏئي ٿو يا سٽ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏاڳي جو ٺهيل ويڙهو استعمال ڪري ٿو."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**